# دادا جشن واسواڻي

## يگاني شخصيت ۽ روحاني رهبر



Rev. Dada J. P. Vaswani
Renowned Spiritual Master

اَپار برهمانڊ جي ڪروڙين تارن ۽ گرهن واري ڪائنات: ان ساري عالم ۾ اِنسان ڪٿي وسي ٿو. ڌرتيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن سَياري تي هيل تائين اُن جا نشان ٻہ ڪونہ مليا آهن. سڀ کان پراچين اِنساني سڀيتا جي شروعات سنڌ مان ٿي، جتان جي ڌرتي صدين کان سڪي ستابي پئي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو وقت بوقت ڪيترن ئي حملہ آورن جي غاصب نگاهن واري مِهراڻ کي نشانو بڻائيندي لوٽ مار پئي ڪئي آهي.

ڌرتيءَ جو نيم نرالو آهي. مصيبتن ۽ آپدائن جي عذابن کان ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ سنڌ جي رهاڪن کي اِنسانيت جي راه تي هلڻ ۾ ڪا بہ تڪليف پيش نہ اَچي، ان لاءِ سنڌ جي سر زمين تي ڪيترن ئي مهاتمائن ۽ درويشن جنم ورتو.

اڄ جي يگ ۾ اَهڙي ئي هڪ شخصيت، دادا جشن واسواڻيءَ جي موجودگي پوري اِنسان ذات لاءِ ڄڻ هڪ غنيمت آهي: جنهن پنهنجي آتمڪ گيان سان هزارين پتڪيل ۽ نراس ماڻهن جي رهبري پئي ڪئي آهي. اَسين بيحد خوش نصيب آهيون، جو هن وقت اهو روحاني رهبر دادا جشن واسواڻي اڄ اَسان جي وچ ۾ آهي.

**جوَهراڻي:** **دادا! تفصيل سان ٻڌائيندا تہ ’ساڌو واسواڻي مشن‘ ڪيئن برپا ٿي؟**

**واسواڻي:** ١٩٢٩ع ۾ ڀڳوان جي اِڇا سان ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، حيدرآباد (سنڌ) ۾ پڌاريو. هن جو وڏو ڀاءُ پي. ايل. واسواڻي ڪراچيءَ ۾ گذر ڪري ويو ۽ ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي جنم استان، حيدرآباد ۾ رهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هن جو اهو عظيم فيصلو ساڌو بڻجڻ لاءِ ڪونہ هئو، پر ان فيصلي ڪري ڪيترن سوين منتظر شرڌالن لاءِ هڪ موقعو فراهم ڪيو، جو اُهي ساڻن روبرو گڏجڻ جي اِڇا پوري ڪري ٿي سگهيا.

برهمو سماج، گر سنگت ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽي آف حيدرآباد کين پنهنجي پنهنجي هال ۾ ليڪچر ڏيڻ ۽ ڪلاسن هلائڻ، گيتا ڪلاس، عيسيٰ ڪلاس ۽ سنڊي (Sunday) ڪلاس جي سونهپ لاءِ نينڊ ڏني. انهن ڪلاسن ڪيترين ئي آسائتين دلين کي راه ڏيکاري ۽ اُنهن مان ڪيترن تہ جيون پر اُن راه کي اَپنائي ڇڏيو. اُنهن مان بہ هئا: مسز پارپتي ملڪاڻي ۽ ڪماري شانتي ماکيجاڻي. شانتيءَ جي چوڻ تي سندس پتا صاحب تہ پنهنجو سڄو هال ساڌو واسواڻيءَ جي ستسنگ لاءِ ڏيئي ڇڏيو. اِئين ’ سکيِ ستسنگ‘ شروع ٿيو ۽ اُن مان هن مشن جو پايو پيو.

ساڌو واسواڻيءَ جو وشواس هئو تہ شيوا ۽ قربانيءَ جا خاص بہ پهلو آهن، جيڪي ماڻهن کي آتمڪ آنند ڏيئي سگهن ٿا. اهو نہ صرف سنڌن چاهڪن لاءِ آهي، پر سڄي دنيا جي پٺتيل اِنسانن لاءِ بہ آهي. ٿوري ئي وقت ۾ ’سکي سنگت‘ جي ان هلچل، حيدرآباد جي سنڌين ۾ شيوا جو اُهڃو تہ چاه پيدا ڪري ڇڏيو، جو سڄي سماج کي فائدو پهچڻ لڳو.

ورهاڱي کان پوءِ ساڌو واسواڻي ۽ شيوا ۾ سمرپت ٿيل سندس ساٿين ۽ چاهڪن کي ڀڳوان جي اِڇا کين پارت آندو. هنن پوني جي پٽيہ يومي پسند ڪئي ۽ اُتي ئي پنهنجو استان گرهڻ ڪياٿون. جڏهن ساڌو واسواڻيءَ ١٦ جنوري ١٩٦٦ع تي پنهنجو هيءُ ناسونت سرير ڇڏيو، تڏهن مشن جو نالو بدلائي ’ساڌو واسواڻي مشن‘ رکيو ويو.

ساڌو واسواڻي مشن جو ميڊيڪل ڪامپليڪس، پوني ۾ تمام مکيہ سهوليتن سان جڙيل آهي، جنهن ۾ هر قسم جي اول درجي جون سهوليتون موجود آهن ۽ غريبن لاءِ بلڪل رعايتي ۽ ڪن حالتن ۾ بلڪل مفت دوا درمل ڪيو وڃي ٿو. هڪ اها ئي اِسپتال آهي، جتان غريبن کي واپس نٿو وڃڻو پوي. جيڪڏهن هنن وٽ پيسو ڪونہ آهي تڏهن بہ اتي ئي سندن پيار ۽ عزت سان بيمارن جو علاج ڪيو وڃي ٿو. صحيح معنيٰ ۾ هيءَ هڪ ئي يگاني اِسپتال آهي، جتي شروعات کان وٺي اِنسانيت کي وڏو درجو ڏنو ويو آهي.

۱۹۳۳ع ۾ ساڌو واسواڻيءَ وديا جي کيتر ۾ ’ميرا موومينٽ‘ جو پايو وڌو؛ جتي چرتر ناهڻ، آتمڪ گيان پائڻ ۽ شيوا تي پورو پورو ڌيان ڏنو ويندو آهي. اَڄ ’ساڌو واسواڻي مشن‘ پوني ۾ اَهڙا اِسڪول ۽ ڪاليج کولي چڪا آهن، جتي ۴۰۰۰ کن وديارٿي پرائمري کان وٺي پوسٽ گريجوئيٽ تائين وديا پرائي رهيا آهن. انهن ڪاليجن ۾ شاگردن کي پنهنجي پڙهائيءَ جي سني ۾ سني تربيت ڏيڻ سان گڏوگڏ کين آتمڪ گيان پڻ ڏنو ويندو آهي ۽ ساڳئي وقت اِنسانيت جي هر پهلوءَ ۾ بہ اَڳيان وڌي اَچڻ؛ جيئن تہ غريبن جي سار سنڀال لهڻ، يتيم-خانن ۾ وڃڻ ۽ ٻڍا آشرمن جو ڌيان رکڻ لاءِ همٿايو ويندو آهي.

انهن ڪاليجن ۾ ملندڙ سکيا، دنيا ڀر جي سکيائن سان برميچي سگهجي ٿي؛ پر اُن کي ڪم آڻڻ جو ڍنگ هندوستاني آهي. اَهڙي طرح شاگردن کي ڀوڳٽي سکيا ڏني وڃي ٿي؛ جنهن مان سندن دل دماغ ۽ هٿ جي هنر جو وڪاس ٿئي ٿو. ’مشن‘ ڪڇ ۽ راجستان جي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ پيل ڳوٺن کي مٿي آڻڻ جي ڪوشش ۾ پڻ لڳي پيئي آهي؛ جيئن اُتان جي رهواسين کي غريبي ريکا کان مٿي آڻي سگهجي.

جيو ديا پروگرام ۾ ’مشن‘ هر روز پکين ۽ بي سهاره جانورن جي ديک ڀال ڪندي آهي ۽ کين کاڌو پهچائيندي آهي.

هر سال ۲۵ نومبر تي ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏن ’ ويشنو ڏينهن‘ (Meatless day) ۽ ’پکين جي حقن جو ڏينهن‘ ڪري ملهايو ويندو آهي. اُن ڏينهن لکين ماڻهو قسم-ناما ڏياري موڪليندا آهن تہ

هو اُن ڏينهن هنسا واري کاڌي کان پرهيز ڪندا!

ڏينهن ۾ ٻه ويلا ڀنڊارو هلايو ويندو آهي جتي سوين غريبن کي مفت کاڌو کارايو ويندو آهي ۽ ڪيترن بي - گهر اِنسانن ۽ اُنهن جي سنسٿائن کي چانهه، ناشتو ۽ کاڌو پهچايو ويندو آهي. محتاج اِسترين جي سنسٿائن کي پوري پوري مدد ڪئي ويندي آهي، جيئن اُهي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن؛ کين پنهنجي لياقت ۽ چاڻ آهر هنرن جي سکيا ڏني ويندي آهي ۽ هنن لاءِ ضروري ساڌن؛ جيئن ته سلائيءَ جون مشينون وغيره ميسر ڪيون وينديون آهن. ضرورتمند پريوارن لاءِ بجلي، گئس، گهرو برتن ۽ راشن وغيره نيم اَنوسار پهچايا ويندا آهن.

غريبن لاءِ سُٺا گهر ۽ پائخانا پڻ ٺاهيا ويا آهن. قدرتي مصيبتن جي چپيٽ ۾ آيلن لاءِ راحت جو سامان ۽ اِسپتالن جو ٻه بندوبست ڪيو ويو آهي. ڪيترن هنڌن تي ضرورت آهر کوهه پڻ کوٽايا ويا آهن. ١٩٩٣ع ۾ لاتور جي زلزلي جي چپيٽ ۾ آيل اُتان جي رهواسين لاءِ ٩٢ نوان گهر ٺهرايا ويا ۽ ٢٠٠١ ۾ گجرات ۽ ڪڇ جي زلزلي جي ستايلن لاءِ ٤٥٠ نوان گهر ٺهرائي ڏنا ويا ۽ ٢٠٠٤ع ۾ سامونڊي طوفان جي پيڙتن لاءِ ٩٤ نوان گهر ٺهرائي ڏنا ويا.

**جوَهراڻي:** **توهان ان روحاني ۽ آتمڪ دنيا ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن قدم رکيو؟**

**واسواڻي:** مان اِئين نٿو چئي سگهان ته مان ان روحاني ۽ آتمڪ دنيا ۾ پهچي چڪو آهيان. مان اَڃا ڪوشش ۾ آهيان ته ان دنيا ۾ اَندر گهڙان ۽ وشواس اٿم ته منهنجو رهبر گرديو ساڌو واسواڻي هڪ نه هڪ ڏينهن مون کي اُن لائق سمجهي مون کي ان دنيا ۾ اَندر گهڙڻ جي اِجازت ڏيندو.

خوش قسمتيءَ سان مان جڏهن ڪاليج جو وديارٿي هوس، تڏهن کان ئي سندن صحبت ۾ اَچي ويس ۽ تڏهن کان ئي مان ڪوشش ۾ آهيان، جيئن پنهنجي سچي زندگي اَهڙين آدرشي سکيائن کي اَپنائڻ ۾ سڦل ڪريان. گرديو جو زور ٻن اُصولن تي ٻڌل هو: نماڻو ٿيءُ ۽ بنا اَهنڪار ٿيءُ.

مان اِهو سکيو آهيان ته جڏهن اَهنڪار مري ٿو، تڏهن من ۾

ايشور چمڪي ٿو. مان پنهنجي گرديو جو بيحد آڀاري آهيان، جنهن منهنجي جيون ۾ نئين روشني آندي.

**جوَهراڻي:** **جيڪي ڊرمائو ڪارج توهين ڪريو پيا، سي ڇا صرف سنڌين تائين محدود آهن؟**

**واسواڻي:** ’ساڌو واسواڻي مشن‘ بنا ڪنهن جاتي ۽ ڀيد ڀاءَ واري هلچل آهي؛ جتي سڀني ڌرمن، پنٿن ۽ ويچار ڌارائن جي يڪمشتي ٿئي ٿي ۽ ڪارج ٿين ٿا. سڀ خاص ڏينهن؛ ڪرشن کان ڪرائيسٽ تائين، ٻڌ کان محمد تائين، موسيٰ کان گرو نانڪ تائين، ڪبير کان سينٽ فرئنسز تائين، زوراسترا (Zoraster)کان بهائي تائين؛ خاص پرارٿنائن سان ملهايا وڃن ٿا ۽ شيوائن جا ڪارج ڪيا وڃن ٿا. ٿوري ۾ اِهو چوڻ صحيح ٿيندو تہ هيءَ مشن هرڪنهن جاتي، ورڻ ۽ نيات کي هڪجهڙو سمجهي ٿي. هن مشن جو صرف هڪ ئي اُصول آهي تہ اِنسان ذات جي سماجڪ جاگرتيِ، پڙهائيِ، دوا درمل ۽ آتمڪ اُنتيءَ لاءِ شيوائون ڪري.

**جوَهراڻي:** **توهان جي مشن گذريل سال کان سنڌي سميلن سڏائڻ شروع ڪيو آهي. اُن جي مراد ڪهڙي آهي؟ مقصد ڪهڙا آهن؟**

**واسواڻي:** اَسان گذريل سال سنڌي سميلن گهرايو هو ۽ هن سال بہ فيبروري ٢٠٠٩ع تي ٻيو سميلن گهرائينداسون. اَسان جي من جي مراد اِها آهي تہ اَسين سنڌين جي ٻارن کي هن سميلن جي معرفت فخر ڪرڻ لائق پنهنجي اَباڻي ورثي جي ڄاڻ ڏيون، تہ اَسين هن دنيا جي پهرين پهرين سنڌو ماتري سڀيتا جا مالڪ آهيون. اَسان جي گهرن جا وڏا پيسو ڪمائڻ ۾ لڳا پيا آهن، جيئن گهرن جا ڳاڏا هلندا رهن. هنن کي وقت ۽ سگهہ ئي ڪونہ آهي، جو پنهنجن ٻارن کي سنڌين جي ڀرپور ۽ قيمتي سڀيتا جي پوري ڄاڻ ڏيئي سگهن.

اَسين سنڌي هن وقت ٽڙيل پکڙيل جاتي ٿي پيا آهيون. هيءُ سميلن اُنهن سڀني سنڌين کي هڪ هنڌ ڪنو ڪري، مڪاميلو ڪرائڻ جو موقعو ميسر ٿو ڪري، جيئن سڀ هڪ ٻئي جي ويجهو اَچي پنهنجي مسئلن کي پيش ڪندي، بحث ڪري، جاتيءَ

جي واڌاري لاءِ ڪن سهائيندڙ نتيجن تي پهچون.

**جوَهراڻي: سنڌي ٻوليءَ جي آئينده لاءِ توهين ڪيترو آشاوادي آهيو؟**

**واسواڻي:** اڻويهين صديءَ دوران جرمنيءَ جي مڃيل اعليٰ شاعر، جوهان ووفگانگ گوئٽي جو چوڻ آهي، تہ همت هاري ويهڻ کان اُميدون رکڻ بهتر آهي. منهنجي لرزندڙ سنڌي ٻولي دنيا ۾ اِنسانيت جي خوشبوءِ ڦهلائيندي ۽ راهہ ڏيکاريندي رهندي.

مون پڳوان جي ديا سان هندوستان جا ڪيترائي شهر ۽ پرانت ڏٺا آهن ۽ هندوستان کان ٻاهر ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو اَٿم. جتي جتي ويندو آهيان، منهنجي دلي تمنا هوندي آهي تہ پنهنجن سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن سان مخاطب ٿيان ۽ کين چوان تہ اَسين هڪ تمام ننڍڙي جاتي آهيون، اَسان کي پنهنجي زمين ڪونہ آهي،جنهن کي اَسين پنهنجو ڪري چئون. اَسان کي جيڪڏهن ڪجهہ پنهنجو آهي تہ اُها آهي صرف اَسان جي منهنجي زبان سنڌي ٻولي، جنهن جي ذريعي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکي سگهون ٿا.

يهودي بہ ويهہ صديون لڳاتار دنيا ڀر ۾ ڀٽڪندا رهيا ۽ بي-گهر هوندي چڙ و چڙ ٿي ويا، پر هنن پنهنجي مادري زبان مضبوطيءَ سان سنڀالي رکي. پوءِ جڏهن ١٩ صديءَ ۾ کين پنهنجي زمين حاصل ٿي، تڏهن هو هڪ ٻئي کي ڳالهائڻ جي ٻوليءَ وسيلي ئي سڃاڻي سگهيا ۽ پاڻ ۾ ٻڌجي ويا، جڙي ويا.

جي ٿي سگهي تہ سنڌين کي بہ پنهنجي سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ اَچڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪن حالتن کان مجبور ٿي اهو نہ ڪري سگهجي تہ گهٽ پاڻ ۾ ۽ پنهنجن گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڳالهائڻ لاءِ ڪم آڻڻ ضروري آهي.

مون کي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جا لفظ ور ور ڪري ياد پون ٿا. چيائون، ”پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيہ کان ڪٽجي وڃڻ، اي سنڌي ڀائرو! اِئين آهي جڻ توهين پنهنجو پاڻ کان ڪٽجي ويا آهيو!“

**جوَهراڻي:** **توهان جا جيڪي بہ اِدارا آهن، تن ۾ سنڌي ماڌيم ۾ سکيا ڏني ويندي آهي يا سنڌي ٻولي کي صرف هڪ وشيہ طور پڙهايو ويندو آهي؟**

**واسواڻي:** اسان وٽ اَهڙا اِسڪول هئا، جن ۾ ٻارن کي بورڊ اِمتحان لاءِ سنڌي ماڌيم سان تيار ڪيو ويندو هو. پر آهستہ آهستہ ٻار گهٽجڻ لڳا. اَسان ڪين گهڻيون ئي سهوليتون ڏنيون. مفت منجهند جو کاڌو، مفت يونيفارمس، گهر کان اسڪول تائين مفت اَچ وڃ جا ساڌن، پر تنهن هوندي بہ ٻار ويا گهٽجندا ۽ آخر اَسان کي مجبورتي اُهي اِسڪول بند ڪرڻا پيا.

اَڄ جيڪي بہ اَسان جا اِسڪول ۽ ڪاليج هلي رهيا آهن، تن ۾ سنڌي سکڻ لازمي آهي. ڊگري ڪاليج ۾ پڻ سنڌي هڪ وشيہ طور رکي ويئي آهي.

**جوَهراڻي:** **اِها هڪ ويچار ڌارا ٿي پيئي آهي ۽ خاص ڪري سنڌي اِسترين ۾ تہ جي سندن ٻار سنڌي ماڌيم ۾ پڙهائي ڪندا تہ هو اَڳيان هلي زندگيءَ ۾ ڪامياب ڪونہ ويندا. ان باري ۾ توهان جي ڪهڙي صلاح آهي؟**

**واسواڻي:** منهنجي اُنهن کي صلاح آهي تہ جي ڪنهن بہ سبب ڪري توهين ٻارن کي سنڌي ماڌيم ذريعي پاڙهي نٿا سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي وشيہ طور سکڻ لاءِ ضرور ڪڻايو!

**جوَهراڻي:** **سنڌين ۾ اَنتر جاتي شاديون جام ٿي ويون آهن. اُهي اَسان کي ڪٿي پهچائينديون؟**

**واسواڻي:** اڄ جن حالتن ۽ ماحول مان اَسين لنگهي رهيا آهيون تہ اَسان جي نئين ٿهيءَ وارا ٻار ضرور ڪيترين ٻين جاتين ۽ نياتن جي ماڻهن سان لهہ و چڙه ۾ ايندا. انهن حالتن ۾ اَسين اَنتر جاتي شادين کي روڪي نہ ٿا سگهون. پر اُنهن سيني لاءِ منهنجي صلاح اِها آهي تہ توهان هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو آهي، ماتا پتا جي مهربانيءَ سان. ان ڪري اِهو توهان جو فرض ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن ڪجهہ بہ ڪيو تہ اُن لاءِ پنهنجي ماتا پتا جي منظوري ضرور وٺو.

**جوَهراڻي:** **اَڄ جي عام ماڻهوءَ لاءِ توهان جي ڪهڙي صلاح آهي؛ جيڪو آتمڪ گيان کان بلڪل اڻڄاڻ آهي. اُهو ڪيئن صحيح رستو اَختيار ڪري؟**

**واسواڻي:** اُنهن لاءِ منهنجي صلاح اِها ئي رهندي ته صرف پاڻ لاءِ جيئڻ جي نه ڪيو. ٻين لاءِ به جيئڻ سکو. پڀوان جي ديا سان جيڪي ڪجهه توهان کي مليو آهي؛ اُهو ٻين سان ونڊيو-ورهايو! خاص ڪري اُنهن سان جيڪي توهان کان گهٽ قسمت وارا آهن ۽ وڌيڪ ضرورتمند آهن!

**جوَهراڻي:** **تاريخ شاهد آهي ته سنڌ تي ور ور ڪري ٻاهريان حملا پئي ٿيا آهن؛ جن سنڌ جي رهواسين جي رهڻي ڪرڻي، وشواس ۽ ايمان کي ڏانواڏول پئي ڪيو آهي. ڪٿي اِهو ته سبب نه آهي جو سنڌ جي زمين تي مهاپرشن ۽ سنتن، دکين کي همت ڏيڻ لاءِ بار بار جنم پئي ورتو؟**

**واسواڻي:** اِهو بلڪل درست آهي ته پڀوان سنڌين ڏانهن هميشه دياوان پئي رهيو آهي؛ اِن ڪري وقت بوقت مها پرش سنت، اِستريون چاهي مرد سنڌ ۾ جمندا ئي رهيا؛ جيئن اُهي دُکي سنڌين کي اَنڌڪار مان ڪڍي آتمڪ اُميدن جي روشنيءَ ۾ آڻي اَڳيان وڌائين.

**جوَهراڻي:** **اِهو عالم آشڪار آهي ته پڀوان نرآڪار آهي ۽ ڪنهن جي به هٿ اَچڻ وارو ڪونه آهي. ان حالت ۾ ڪيئن ڪيس حاصل ڪجي يا ڪيئن سندس درشن ڪجي؟**

**واسواڻي:** پڀوان کي ڏسي سگهبو آهي؛ ڪيس ڇهيءَ محسوس ڪري سگهبو آهي؛ ساڻس ڳالهيون به ڪري سگهبيون آهن. هو هن دنيوي شرير کان وڌيڪ ساڪيات آهي، جيڪو اَسين پنهنجي هنن اَکين سان ڏسي سگهون ٿا. پر اُن لاءِ ڪوشش جي ضرورت آهي. اَسان کي پنهنجي اَنتر آتما واري ٽين اَک کولڻي پوندي ۽ اُن ٽين اَک لاءِ اَسان کي آتمڪ تپسيا ڪرڻي پوندي.

ان لاءِ عيسيٰ چيو آهي ته ڌنيه آهن اُهي نرمل ۽ پوتر دل وارا؛ جن پڀوان کي ڏٺو ۽ پاتو آهي.

اَڄ جي حالتن ۾ اَسان جي دل ايتري نرمل ۽ پوتر ڪانہ آهي. اُها داغي، ميري، دونهاٽيل ۽ ڪارنهن سان ڀريل آهي ۽ اُهو اَسان جي ڪيترن وڪارن جو نتيجو آهي. اُها دل صاف ڪرڻ ضروري آهي ۽ اُن لاءِ ساڌنا جي سخت ضرورت آهي.

گرديو ساڌو واسواڻيءَ اَسان کي پرماتما سان ملڻ لاءِ هڪ ننڍو رستو ٻڌايو آهي. جيڪڏهن ڀڳوان کي ساکيات ڏسڻ جي توهان کي اِڇا آهي تہ پهرين پنهنجي دل کي صاف ڪريو. پنهنجي اَندر ۾ جهاتي پايو ۽ من کي ايڪاگرچت ڪري ڀڳوان سان ملڻ جي اِڇا پربل ڪريو. ان طرح پيدا ٿيل اُڪير ۽ من جي پياس توهان جي اَکين ۾ پاڻي آڻي ڇڏيندي ۽ اُهو پاڻي ئي توهان جي دل کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيندو.

”توهان ڀڳوان ڏٺو آهي؟“ ڪنهن مهاتما ڪانئس پڇيو.

جواب ڏنائين تہ ”ڀڳوان کي تہ مان هينئر بہ ڏسي رهيو آهيان ۽ توکان بہ وڌيڪ صاف ۽ چٽو.“

**جوَهراڻي: وقت جي رفتار ۾ يگ بدلجندا ٿا رهن؛ صديون گذرنديون ٿيون وڃن؛ ماڻهن جي من ۾ ڀڳوان طرف وشواس بہ ڏنڌلو ٿيندو ٿو وڃي! اُن وشواس کي وري ڪيئن مضبوط ڪجي؟**

**واسواڻي:** اَسين هن وقت وگيان جي ماحول ۾ رهون ٿا؛ جنهن ۾ هر ڪاريہ لاءِ ڪونہ ڪو سبب هوندو آهي. پُراڻي زماني جي اَنڌ وشواس جو دور هاڻي ڪونہ آهي. هن دور ۾، منهنجو وشواس آهي تہ جلد ئي وگيان ۽ آتمڪ گيان هڪ ٻئي ۾ ملي هڪ ٿي ويندا؛ جنهن مان نئون گيان پيدا ٿيندو، جو اَسان جي پوري پوري ۽ صحيح راهنمائي ڪندو.

سچو عقيدو اهو آهي تہ جيڪو نہ ڏسي سگهجي، اُن ۾ وشواس ڪجي. نئين يگ ۾ ماڻهو محسوس ڪندو تہ دنيا ۾ اَهڙيون ڪيتريون ئي چيزون آهن، جن کي هِي اَکيون ڏسي نہ ٿيون سگهن. انهن شين کي هن دنيا جو محدود دائرو ڏسڻ لاءِ مليل آهي. هن دنيا ڪان مٿي، گهڻو مٿي، اَٿاهہ ٻيو بہ ڪجهہ آهي، جيڪو اَسين هنن اَکين سان ڏسي نٿا سگهون. جڏهن وگيان اهو

ثابت ڪري سگهندو، تڏهن ئي اَسان ۾ سچو گيان، سچو وشواس ۽ سچو عقيدو پيدا ٿيندو؛ جنهن جي آڌار تي اِنسان اُن سوکيم دنيا ۾ گهمي ڦري سگهندو.

**جوَهراڻي:** **ڪرپا ڪري اَسان کي اهو گيان ڏيو تہ ڀڳوان نيٺ آهي ڇا؟ ان جي موجودگيءَ ۾ ڪيئن وشواس ڪريون؟**

**واسواڻي:** ڀڳوان جي وياکيا محدود نٿا ڪري سگهون. گرديو ساڌو واسواڻي چوندو هئو، ”ڀڳوان جي وياکيا ڪرڻ جڻ ڀڳوان کي وڃائڻ آهي.“

توهين پڇو ٿا ”ڀڳوان ڇا آهي؟“

مان پڇان ٿو؛ ”ڀڳوان ڇا نہ آهي؟“

جيڪي ڪجهہ ڏسو ٿا؛ سو ڀڳوان آهي. جيڪي ڪجهہ نٿا ڏسي سگهو، اُهو بہ ڀڳوان آهي. جنهن کي ڇهي سگهجي ٿو سو ڀڳوان آهي. جنهن کي ڇهي نٿو سگهجي، اُهو بہ ڀڳوان آهي. جنهن کي آڪار آهي سو ڀڳوان آهي؛ جيڪو نرآڪار آهي اُهو بہ ڀڳوان آهي. ڀڳوان وٽان هڪ ناياب سوکڙي اَسان کي مليل آهي، جنهن کي ’وشواس‘ چئجي ٿو. ڀڳوان کان باڏائي اُها سوکڙي ’وشواس‘ حاصل ڪريو؛ جنهن کانسواءِ هن دنيا ۾ ٻيو ڪجهہ بہ نہ، صرف اَنڌيرو آهي.

**جوَهراڻي:** **پنر جنم ۾ ڪيتري قدر سچائي آهي؟**

**واسواڻي:** اِهو ڇيو ويندو آهي تہ جيڪو ڄائو آهي سو اَوس مرندو ۽ جيڪو مرندو سو وري اَوس ڄمندو؛ ڇو جو دنيا جي چرخي جي ڦيڙي ٿيٺي ڪانهي. ڪرمن جو قانون چئي ٿو، ’جيڪي پوکيندءُ، سو ئي لڻندءُ.‘ اَسين پنهنجي هڪ جنم ۾ ئي ڪيترا ٻج پوکي ٿا ڇڏيون اُنهن کي لڻڻ لاءِ اَسان کي ڪيترا ئي جنم وٺڻا ٿا پون.

اَسان جي چوڌاري ڏسو نہ، تہ ڪيتري نہ نابرابري ڏسڻ ۾ ٿي اَچي. ڪي ماڻهو ايترا شاهوڪار آهن، جو سندن ڪتن لاءِ خاص قسم جا گهر نهرايا ٿا وڃن ۽ ٻئي پاسي ڏسو تہ ڪيترن غريبن کي مٿو لڪائڻ لاءِ ڇت بہ ڪانہ آهي؛ پوءِ ڀل ڪيتري بہ گرمي، برسات

يا ٽڌ پوي. ان نابرابريءَ جو جواب صرف اُن پنر جنم ۽ ڪرمن جي ڦل واري واد ۾ آهي. هرڪو جيڪو پوکي ٿو سو ئي لڻي ٿو.

هڪڙو مشهور قصو آهي شانتيِ ديويءَ جو، جا دهليءَ ۾ ١٩٢٦ع ۾ ڄائي هئي. جڏهن هوءَ ٽن سالن جي ٿي، تڏهن ڪيس اَڳئين جنم جون يادگيريون اَچڻ لڳيون ته هوءَ دهليءَ ڪان صرف اَسي ميل پري متراٰ ۾ رهندي هئي. اُتي سندس جنم ١٩٠٢ع ۾ ٿيو هو. هوءَ 'چوبان' ذات جي هئي ۽ سندس وهانءُ هڪ ڪپڙي جي واپاري، ڪيدارناٿ چوبي نالي واري ماڻهوءَ سان ٿيو هو. هن هڪ پٽ کي جنم ڏنو ۽ ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ پاڻ گذاري ويئيِ.

جڏهن شانتيِ ديوي ٩ سالن جي ٿي، تڏهن سندس مائٽن خط لکي پڇا ڳاڇا ڪرائي ته متراٰ ۾ ڪو ڪيدارناٿ چوبي ڪپڙي جو واپاري رهندو آهي ڇا؟ اُن شخص پاڻ جواب ڏنو ۽ شانتي ديويءَ جي هر ڪنهن ڳالهه جي تائيد ڪئي. هن پنهنجي گهر جو هڪڙو ماڻهو موڪليو ۽ پوءِ وري پاڻ به دهليءَ هليو آيو. شانتي ديوي اُنهن ٻنهي ماڻهن کي بلڪل سڃاتو.

ٻئي سال ١٩٣٦ع ۾ شانتي ديويءَ کي متراٰ وٺي ويا ۽ شانتيِ ديويءَ جي هر ردِ عمل کي جاچڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪري ساڻ موڪليِ ويئيِ. جيئن ئي هو متراٰ اِسٽيشن تي ريل گاڏيءَ مان لٿا ته شانتيِ ديويءَ پرڀان ئي ڪيدارناٿ جي هڪ مائٽ کي سڃاتو؛ جيتوڻيڪ اِسٽيشن تي چڱي ڀيڙ هئيِ.

هن کي پوءِ هڪ بگيءَ ۾ ويهاريو ويو ۽ هلائيندڙ کي خاص تاڪيد ڪئي ويئي ته شانتيِ ديوي جنهن رستي تان هلڻ چاهي اُن رستي تان بگي هلائي وڃي. هن کي متراٰ جي سيني رستن جي ڄڻ بخوبي ڄاڻ هئي. جيتوڻيڪ هوءَ هن نئين جنم ۾ پهريون دفعو متراٰ آئي هئي ۽ بگي هلائيندڙ کي سڌو ڪيدارناٿ جي گهر تائين وٺي آئيِ. گهر کي نوان رنگ لڳل هئا پر ته به هن اُهو گهر بخوبي سڃاتو. گهر جي پاسي ۾ هڪڙو ٻيڍڙو اِنسان ويٺو هو. هن اُن کي به سڃاتو ته هو ڪيدارناٿ جو پيءُ يعنيٰ سندس اَڳئين جنم وارو سهرو آهي.

گهر ۾ گهڙڻ سان ئي ڪانئس ڪمرن، ڪبٽن، گهر جي بيهڪ جي

باري ۾ ڪيترائي سوال پڇيا ويا؛ جن جا هن صحيح جواب ڏنا. پوءِ هوءَ اڳئين جنم جي ماتا پتا جي گهر ويئي ۽ پنجاهه ڪن ماڻهن جي وچ مان به کين سڃاتائين.

اُتي شانتيِ ديويءَ چيو ته هن ڪجهه ناڻو ڪيدارنات جي ٻئي گهر ۾ لڪائي رکيو هو. اُن گهر ۾ پهچي هڪ ڪمري جي ڪنڊ طرف اِشارو ڪيائين ته اُن ڪنڊ ۾ هن ناڻو پوري رکيو هو. اُن جڳهه کي کوٽيو ويو، اُتي ڪجهه به نه مليو. پر شانتي ديوي ضد ڪري بيهي رهي ته ناڻو هن اُتي ئي پوريو هو. آخر ڪيدارنات قبول ڪيو ته سندس زال جي مرڻ کان پوءِ جيئن ته کيس خبر هئي، ته هن ئي اُهو ناڻو ڪڍيو هو.

اَهڙا ڪيترائي قصا آهن ۽ ڪيترن کي ته اَڄ جي وگيانين چڱي طرح سوجهيو ۽ جاچيو آهي. ڪجهه سال اَڳ آمريڪا ۾ هڪڙو ڪتاب ڇپيو هو. مان سمجهان ٿو ته اُن جو نالو ئي هو ’پنر جنم جا ٻارهن قصا‘، جيڪي وگيانڪ نموني پرکيا ويا هئا. اُهو ڪتاب وگيانين جي ٽوليءَ جو گڏجي لکيل آهي.

ويجهڙائيءَ ۾ آمريڪا جي ’يونيورسٽي آف ورجينيا‘ ۾ پڙهائيندڙ پروفيسر آف سئڪالاجي، ڊاڪٽر اِسٽيونسن جو ڪتاب مون پڙهيو آهي؛ جنهن ۾ هن برٽن، يوروپ، آمريڪا ۽ جپان تائين ١٦٠٠ ٻارن جي قصن جي چڱي طرح جاچ پڙتال ڪري وستار سان بيان ڪيو آهي. ڪامپيوٽر جي مدد سان اَلڳ اَلڳ ملڪن مان خبر چار هٿ ڪرڻ کان پوءِ کيس سراسري طور نوي سيڪڙو قصا صحيح لڳا. هو پنهنجي سوجهه ٻوجهه ۽ کوج مان آخر اِن نتيجي تي پهتو ته ٻار، ٻن کان ڇهن سالن جي عمر تائين پنهنجي هن جنم جي مائٽن کي ٻڌائڻ چاهيندا آهن ته سندن گذريل جنم ڪيئن هئو.

ڊاڪٽر اِسٽيونسن جي چوڻ موجب، ٻار، جن کي اَڳئين جنم جي يادگيري هوندي آهي، سي گهڻو ڪري مائٽن کي چوندا آهن ته کين اُنهن جڳهين تي وٺي هلو؛ جتي هو اَڳئين جنم ۾ رهندا هئا. ان ڪري ۽ ساڳئي وقت پنهنجي اُتسڪتا سان نباهڻ لاءِ کي مائٽ سچ پچ اوڏانهن ويندا آهن ۽ کين هرڪا ڳالهه صحيح لڳندي آهي.

ٻار جيڪڏهن اَڳئين جنم جي مائٽن جا نالا صحيح صحيح ٻڌائيندا آهن تہ سمجهو تہ نوي سيڪڙو ڳولها ڪامياب ٿي آهي ۽ ٻارن جون نوي سيڪڙو ڳالهيون بلڪل درست آهن. اَهڙين ڳالهين ۾، ٻار جي اَڳئين جنم جي باري ۾ ڳالهائڻ گهٽو ڪري ٽن ڪان پنجن سالن جي عمر تائين ٿيندو آهي ۽ پوءِ آهستہ هستہ اُهي يادگيريون ميسارجنديون ويندينون آهن.

**جوَهراڻي:** **عام ماڻهو اَڄ جي تمام گهٽي هلچل واري زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي مشڪل مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ ايترو تہ رڌل ۽ منجهيل آهي، جو ٿڪجي منزل جي تمنا کي وساري ٿو ڇڏي. اُنهن لاءِ توهان جي ڪهڙي صلاح آهي؟**

**واسواڻي:** زندگي گهٽنائن سان ڀرپور آهي؛ جنهن ۾ سنيون بہ آهن تہ خراب بہ. جڏهن خراب گهٽنا درپيش اَچي ٿي تہ اِنسان پنهنجو ميزان وڃائي ٿو ويهي. اُن وقت اَسان جي اَحساسن ۾ دک، نااُميدي ۽ غلط جذبات جون ڌارئون پيدا ٿين ٿيون؛ جنهن ڪري اَسين دکي ۽ دلشڪستہ ٿي ٿا وڃون. اَهڙي ماحول کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ جو هڪڙو ئي طريقو آهي تہ اُن خراب گهٽنا جي جڙ ڳولهي لهون ۽ پوءِ اُن کي درگذر ڪري ڇڏيون. اَهڙي نموني درگذر ڪري ڇڏيون، جو من هلڪو ٿي وڃي.

”منهنجي پيءُ مونکي غلط سمجهيو آهي! درگذر!“

”منهنجي ڀاءُ منهنجي لاءِ ٻلو-برو ڳالهايو آهي! درگذر!“

”منهنجو گهرو دوست مون خلاف ٿي بيٺو آهي! در گذر!“

”مون ڌنڌي ۾ نقصان پاتو آهي! درگذر!“

”منهنجون سڀ رٿائون اُلٽ پلٽ ٿي ويون! در گذر!“

”منهنجي بيعزتي ڪئي ويئي آهي! درگذر!“

”منهنجو پيارو عزيز گذر ڪري ويو! درگذر!“

”منهنجي صحت تي بُرو اثر پيو آهي! درگذر!“

”جنهن تي مون پورن وشواس ڪيو، تنهن ئي مونکي دوکو ڏنو، مونکي ٺڳيائين ۽ لٽيائين! درگذر!“

”هن بي بقا دنيا ۾، جنهن ۾ لاها چاڙها لڳا ئِي پيا آهن ۽ ڪجهہ بہ اِستر ڪونہ آهي، ڇا اُن لاءِ چنتائون ڪرڻ ضروري آهن! درگذر!“

جيترو وڌيڪ درگذر ڪندا، اوترو وڌيڪ توهين پنهنجون شڪتيون بچائيندا ۽ اُهي بچايل شڪتيون توهين زندگي ڏاهڻ ۽ سنوارڻ جي ڪم آڻي سگهندا!

مسئلا آهن ڪهڙا؟ هر وڪاس لاءِ ڏاڪا ثيندا آهن. اَسين اُنهن مسئلن کي منهن ڏيڻ وقت وڪاس جي ڏاڪن تي پنهنجي ضمير ۽ محنت سان صحيح قدم رکون ٿا؟ مسئلا، قضا سان يا اِتفاق سان ڪونه ايندا آهن. قدرت وارو چاڙهي واڌِي اَسان جي ڀلائيءَ لاءِ اُهي مسئلا اَسان جي راه ۾ آڻيندو آهي، جيئن اَسين اُنهن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيون! بنا مسئلن جي زندگي باقي ڪهڙي رهجي ويندي! مسئلا هڪ تيز چريءَ وانگر آهن. انهن کي توهين جيڪڏهن بليڊ کان پڪڙيندا ته آڱريون ڪٽجي ويندي‌يون پر جيڪڏهن اُن کي هٿئي کان پڪڙيندا ته اُن جي مدد سان توهين ڪيترا ئي ڪم ڪري سگهندا!

**جوَهراڻي:** **ڇا اِهو سچ آهي ته ناڪامياب ۽ هارايل ماڻهوءَ کي ئي ستسنگ مان آٿت ملندو آهي؟**

**واسواڻي:** ’ستسنگ‘ معنيٰ آهي ’ست-پرشن جو سنگ‘. ڪاميابيون ۽ ناڪاميابيون ته زندگيءَ جو حصو آهن. ستسنگ توهان کي اَتيت آتمڪ آنند ڏانهن ڇڪي ٿو. صحيح چيو ويو آهي، ته ستسنگ سرڳ ڌام وڃڻ جو دروازو آهي. سرڳ ڌام ۾ پير رکڻ سان ئي توهين ڪيترين ئي منجهائيندڙ ڳالهين کان دور ٿي ٿا وڃو. جيئن ته ڪاميابي-ناڪاميابي، نفعو-نقصان، ساراه-گلا، صحت-بيماري، اَنڌيارو - روشني ۽ گرمي - سردي وغيره.

**جوَهراڻي:** **جيئن ڪورٽ ۾ وڃڻ وارو هر شخص ڏوهي ڪونه هوندو آهي ۽ جيئن لڙائيءَ تي ويندڙ هر شخص بهادر سپاهي ڪونه هوندو آهي؛ ته ڇا اِهو سچ آهي ته مندر ۾ ويندڙ هر شخص به شرڌالو ڪونه هوندو آهي؟**

**واسواڻي:** مندر يا پوڄا جي استان جا دروازا سڀني لاءِ کليل هوندا آهن. پوءِ اُهي ڪهڙي به ذات، رنگ، ملڪ يا پنٿ جا هجن.

هڪڙو دوست هو جيڪو مندر جي ويجهو وڃڻ به پسند ڪونه ڪندو

هو. هو تہ اُن گهٽيءَ مان ئي نہ لنگهندو هو، جنهن ۾ ڪو مندر هجي. هڪ ڇوڪريءَ سان پيار ٿي ويس، جيڪا مندرن ۾ وڃڻ جي شائق هئي. هن مجبور ٿي جڏهن اُن ڇوڪريءَ سان هڪ دفعو مندر ۾ پير رکيو تہ سندس من تي اُتان جي پوتر وايو منڊل جو ايترو اَثر ٿي ويو، جو هو پڻ هر روز بہ چار ڪلاڪ مندر جي واتاورڻ ۾ ئي گذارڻ لڳو. وقت آيو؛ جو هو اُن ڇوڪريءَ کان وڌيڪ مندر کي پيار ڪرڻ لڳو ۽ آخر ساڌو سنت ٿي رهڻ جو فيصلو ڪيائين.

اِهو ضروري نہ آهي، تہ مندر ۾ ويندڙ هر شخص پوڄا جي ڀاونا رکي ويندو هجي پر سچي ’پوڄا - گهر‘ جو واتاورڻ ئي اَهڙو پوتر ٿيندو آهي جو ڀڳوان چاهي تہ، ناستڪ کي بہ آستڪ بڻائي سگهي ٿو.

**جوَهراڻي:** **اَسين سنڌي هر پوڄا-گهر؛ پوءِ مندر هجي يا مسجد، چرچ هجي يا گردوارو، اُتي سر نوائي نمسڪار ڪندا آهيون! ڇا اَسين ڪنهن کي ناراض ڪرڻ کان ڊڄون ٿا يا اَسين بزدل آهيون؟**

**واسواڻي:** هر وقت جڏهن مان ڪنهن مندر، چرچ، مسجد يا گردواري وٽان لنگهندو آهيان تہ پنهنجو سيس نوائيندو آهيان! نہ ان ڪري تہ مان ڊڄندو آهيان يا بزدل آهيان، پر ان ڪري تہ اُهو هڪ پوتر استان آهي ۽ اُهو مونکي ڀڳوان جي موجودگيءَ جو اَحساس ڏياريندو آهي!

**جوَهراڻي:** **جتي مٿو ٿو ٽيڪجي، اُهو مندر آهي. پر اُن استان کي ڇا چئجي، جتي اَسان جي دل جهڪي ٿي؟**

**واسواڻي:** مان اُن کي پيار سان چوندس ’دل جا دروازا کول‘.

**جوَهراڻي:** **ڌرم ڇا آهي؟**

**واسواڻي:** ڌرم، هڪ اُها پيار جي ڏور آهي، جيڪا اَسان کي ڀڳوان سان ٻڌي ٿي ڇڏي. هڪ نہ ٻئي سبب ڪري اَسين اُن پرماتما کان ڪٽجي هن هلچل واري زندگيءَ ۾ بنا راه جي ڀٽڪي ويا آهيون. اَسين

هِتي هُتي، اَڳيان پنيان گهڻو دور تائين رُلي ويا آهيون. هاڻي وقت آيو آهي جو پنهنجي پيدا ڪرڻ واري سان وري ملي وڃون. ڌرم ئي هڪ اُها راه آهي، جيڪا اَسان کي اُن پرماتما تائين وٺي ويندي.

سچو ڌرم شانتي آهي، من محبت آهي، پيار آهي ۽ ٻين جي شيوا آهي. جهاد ۽ ماراماري اُن ڌرم خلاف وڏا گناه آهن. سچي ڌرم جو اُصول ئي آهي ڀائيچارو، دوستي، ٻڌي ۽ شانتي.

**جوَهراڻي:** **ڌرم کي اَسين پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪيئن اَپنايون؟**

**واسواڻي:** ڌرم کي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ سمائڻ لاءِ اَسان کي هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو:

١) پرماتما سان پنهنجي روز جي ملاقات ڪڏهن بہ نہ وسارجي.

٢) هرهڪ آزمودو، سٺو چاهي خراب، ڀڳوان جي شيءِ هٿن سان مليل پرساد ڪري سمجهڻ گهرجي.

٣) جيڪي ڪجهہ ڪريو، تنهنجي پوري پوري جاڻ رکو. ڪا بہ ڳالهہ مشين وانگر نہ ڪيو.

۴) سٺا ڪرم سڀ ڪيو، پر موت جي اُميد نہ رکو.

۵) من کي اُن اِستٿيءَ ۾ آڻيو، جيئن سچي زندگيءَ لاءِ سنمان پيدا ٿي سگهي.

٦) هر وقت شڌ ڀاونائون رکو. من کي سک-درسي رکي هميشهہ سٺو سوچيو.

٧) هن زندگيءَ جي ڪشالن واري رستي تي جيترو ٿي سگهيوَ ٻين جي ڪلهن تان بوجهہ لاهي هلڪو ڪريو.

**جوَهراڻي:** **گيتا ۾ چيل آهي تہ هرڪو اِنسان پنهنجي سڀاءَ جي وس آهي ۽ ٻين لفظن ۾ اِئين چئجي تہ هرڪو پنهنجي سڀاءَ جو غلام آهي. اهو ڪيتري قدر صحيح آهي؟**

**واسواڻي:** ڀڳوت گيتا ۾ سچ طرف ڌيان ڇڪائيندي برابر چيل آهي تہ

اِنسان، جيئن ڇاهيو ويو آهي؛ پنهنجي گڻن جي وس ۾ آهي. پر گيتا جو مکيه سنديش آهي ته هرهڪ اِنسان پنهنجو مالڪ پاڻ آهي. اِنسان بنيادي طور هڪ آتما آهي ۽ اُها آتما گڻن جي ٻنڌنن کان ٻاهر آهي، نرليپ آهي.

تنهن ڪري شري ڪرشڻ پنهنجي پياري اَرجن کي چوي ٿو، ”دشمنن کي ناس ڪرڻ وارا هي اَرجن! اُٿي کڙو ٿيءُ!“ گيتا، ناڪاميابي ۽ شڪست جو نه؛ پر جيت ۽ جئه جئڪار جو شاستر آهي. گيتا هر اِنسان کي زندگيءَ ۾ جدوجهد ڪرڻ ۽ هر مصيبت کي بهادريءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ڪري.

**جوَهراڻي:** **ڪو به شيءِ ۽ سٺو ڪارج ڪرڻ کان اَڳ ماڻهو ڏاڍو ساوڌاني ۽ سوچ سان صحيح جڳهه ۽ وقت مقرر ڪرڻ لاءِ سنتن ۽ ڄاڻو ماڻهن سان صلاح ڪري پوءِ ئي قدم کڻندو آهي. پر ڪنهن خراب ڪم ڪرڻ وقت هو ڪنهن سان به صلاح مصلحت ڪونه ڪندو آهي. اِئين ڇو؟**

**واسواڻي:** ماڻهو جڏهن به ڪو خراب ڪم ڪندو آهي تڏهن ڪيس اَندر ڪائيندو آهي. هو محسوس ڪندو آهي ته زندگيءَ جا ڪي غلط عناصر ڪيس اُهو ڪم ڪرڻ لاءِ ڌڪي رهيا آهن. هو بيوس ٿي ويندو آهي. پر هو جڏهن ڪو سٺو ڪم ڪندو آهي، تڏهن من جي سچائي ۽ آزاديءَ سان ڪندو آهي. ان ڪري اُهو ڪم هو پوري طاقت ۽ صدق لڳائي سنئي ۾ سٺو ڪرڻ چاهيندو آهي. اِهو ئي سبب آهي جو ماڻهو اُهو ڪم، صحيح وقت ۽ صحيح جڳهه تي ڪرڻ چاهيندو آهي.

**جوَهراڻي:** **بدلاءُ ئي زندگيءَ جو قائم-دائم اُصول آهي. توهان جي ويچار موجب بدلاءَ جي ڪري اَڄ جي سماج تي ڪهڙين سٺين ۽ خراب ڳالهين جو اَثر رهجي ٿو وڃي؟**

**واسواڻي:** سماج ۾ سيني خراب ڳالهين جو بنياد ئي ان تي آهي ته سماج پڳوان کان بي-مک ٿي ويو آهي. ايشور، سچائيءَ جي هڪ روشني آهي. جيڪڏهن اَسين ايشور کي پني ڏينداسون ته اونده ۾ ئي

ٿاڦوڙا هڻندا سون ۽ پنهنجي پاڇي کي پڪڙيندا سون. پر جيڪڏهن اَسين مالڪ طرف منهن ڪري اَڳيان وڌندا سون ته اَسان جو پاڇو پٺيان رهجي ويندو ۽ اَسين هميشه روشنيءَ ۾ قدم رکندا سون.

اَسان کي جيڪڏهن ڪجهه ڪرڻو آهي ته صرف ايشور طرف موٽي وڃڻو آهي.

**جوَهراڻي: اَڄ جي زماني ۾ ماڻهو پنهنجن حقن جي تقاضا ته ڪري، پر آسانيءَ سان اِهو وساري ٿو ويهي ته سندس ڪي فرض به آهن. اِنسان جي اِنهيءَ سوچ کي ڪيئن سڌاريو وڃي؟**

**واسواڻي:** ماڻهو پنهنجي فرضن کي اِن ڪري وساري وينو آهي؛ ڇاڪاڻ ته يڳوان کان پري ٿي ويو آهي. جڏهن هو ڀڳوان جي پيار ۽ ڊپ ۾ رهندو، تڏهن کيس محسوس ٿيندو ته هڪ اَڻ ڇاتل شڪتي مٿس نظر رکي رهي آهي ۽ هو صحيح فرض واري راه تي هلڻ لڳندو.

**جوَهراڻي: ائين ڇيو ويندو آهي ته ڪهڙين به هنگامي حالتن ۽ جنگين دوران ڪلاڪارن، ليڪڪن، شاعرن ۽ ٻين اَهڙين ڪلاڪرتين وارن شخصن جي حياتيءَ جو خاص ڌيان رکيو ويندو هو ۽ کين تمام محفوظ جڳهين تي پهچائي کين بچاءُ ڏنو ويندو هو؛ جو سندن اهو پرپور وشواس هوندو هو ته هيءُ ئي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي تباهيءَ ڪانپوءِ وري ساڳئي شهر، ملڪ ۽ راڄ کي نئين سر ٺاهي سگهندا. اَڄ جي هن ترقي يافته دور ۾ اَهڙن ويچارن لاءِ ڇو ڪابه جڳهه ڪونه آهي؟**

**واسواڻي:** اِهو صرف ان ڪري آهي، جو اَڄ ماڻهو ايشور جي ڀوَ ۽ پيار جي دائري ۾ ڪونه ٿو رهي. هو صرف پنهنجو ئي سوچڻ ۾ پورو آهي! هو ٻين ماڻهن؛ سماج ۽ اِنسانيت لاءِ ڪجهه به نٿو سوچي. جڙتو دوائون ٺاهيندڙ هڪڙي شخص کان پڇيو ويو ته انهن دوائن ٺاهڻ سان مريضن کي ڪيترو نقصان پهچي سگهي ٿو؛ ڪڏهن اُن جو ويچار آيو اَٿوَ؟ ته جواب ڏنائين، ''اُن سان منهنجو ڪهڙو واسطو! مون کي ته فائدو ملي ٿو ۽ بس!''

**جوَهراڻي:** **ماڻهو اِئين ڇو چاهيندا آهن تہ سندن موت کانپوءِ بہ سندن آڪهہ جو نالو قائم رهي! جڏهن تہ کين بخوبي ڄاڻ آهي تہ موت کانپوءِ سندن سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو، پوءِ سڄ اُڀري يا نہ!**

**واسواڻي:** اَڄ ٽن قسمن جا ماڻهو پيڳوان جي پوڄا ڪندا آهن. هڪڙا موج مزي لاءِ؛ ٻيا ڌن دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ٽيان نالو، ڪيرتي، طاقت ۽ دنيوي چيزون حاصل ڪرڻ لاءِ. اِهي ٽيئي اِڇائون ناسونت آهن. صرف ايشور جو نالو ئي قائم رهندو. اَڄ جا ماڻهو پنهنجي ۽ پنهنجي آڪهہ جي نالي لاءِ ڏاڍو اُساٽيل آهن.

**جوَهراڻي:** **بُرائي يڳن کان هلندي ٿي اَچي. ڇا اها هميشه لاءِ آهي؟ نيٺ ڪڏهن تہ ختم ٿيندي؟ صدين کان اِنسانن ان بڇڙي شيطان کي جڙن کان اُکيڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. پر اَڃا تائين ڪامياب ڪونہ ويا آهن. ڇا اهي ڪوششون جاري رکجن؟**

**واسواڻي:** بڇڙو شيطان آهي اونده! هڪڙو پاڇو آهي. اُن کي حقيقت ۾ پنهنجو ڪو وجود ئي ڪونہ آهي. اُهو هميشه لاءِ رهي نٿو سگهي. هڪ ڪمرو پل سؤ سالن کان اونده سان ڀريو پيو هجي، پر صرف هڪ ماچيس جي تيليءَ مان نڪتل روشني اُن اونده کي هڪ ڪن ۾ گم ٿي ڪري سگهي. اُها اونده اِئين ڪونہ ٻاڌائيندي تہ مان هن ڪمري ۾ سؤ سالن کان رهيل آهيان؛ ڪجهہ وقت تہ ڏيوم جيئن مان پاڻ سنواري سنڀالي نڪري وڃان!

اونده کي ڪو وجود ڪونہ آهي. اُها صرف روشنيءَ جي غيرموجودگي آهي. ساڳئي نموني بُرائيءَ کي بہ ڪو وجود ڪونہ آهي؛ اهو صرف هڪ پاڇو آهي! جڏهن سرڳ-ڌام مان روشني هيٺ ايندي؛ تڏهن اهو پنهنجو پاڻ اَلوپ ٿي ويندو!

**جوَهراڻي:** **اَسين اَڄ وڏ ڀاڳي آهيون جو اوهان جي صحبت نصيب ٿي! مهرباني!**